محمد حسين ڪاشف

# موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت

انساني تاريخ جو هي مسلسل عمل رهيو آهي ته ان جي مختلف دورن ۾ ڪي نه ڪي سڄاڻ ۽ ڏاها دانشور ۽ غيرمعمولي ذهن جا ماڻهو پيدا ٿيندا رهن، جن جي ان سماج تي نه صرف گهري نظر پر هنن جي عمل ۽ سوچ سان ان ماحول تي ڇاپ هوندي آهي. هو هنن جي تجربي، مشاهدي مطالعي ۽ فڪر جي اها روشني سماج ۾ ڇڏي ويندا آهن، جيڪا دائميت جي صورت ۾ هوندي آهي. لطيف سائين به سنڌ جي ڏاهپ ۽ سڄاڻائي جو اهو هيرو ۽ املهه موتي آهي جنهن جو فڪر ۽ شعور هڪ بلند مينار جي حيثيت رکي ٿو. جنهن کي اڄ تائين نه ڪير ڇهي سگهيو آهي ۽ نه وري ڇهي سگهندو. اهو سنڌ واسين جو ڀاڳ چئجي يا ان کي سندن لاءِ نعمت الاهي تصور ڪجي، جو لطيف جهڙو باڪمال شاعر ۽ بزرگ، ڏاهو ۽ سڄاڻ فرد هن وادي ۾ پيدا ٿيو.

تاريخ اندر زندگي مختلف خانن ۾ تقسيم هوندي به اڪائيءَ جي حيثيت رکي ٿي، جنهن جي جدوجهد جا رخ هڪ ٻئي ڪان پري هوندي به پاڻ ۾ لاڳاپيل هوندا آهن. اها ڪيفيت ان جي هر دور ۾ رهندي اچي ٿي. پوءِ ان جو تعلق ماضي سان هجي يا حال سان، مستقبل ۾ به ان جو اهو حال رهندو. زندگي جا اهي ترڪيبي عنصر هنن جي دور کي متعين ڪن ٿا ۽ انهن وسيلي ئي سماجوادي نظام جي تشڪيل ٿئي ٿي. اڳتي هلي تاريخ ۾ اهو تهذيب ۽ ثقافت جي شڪل ۾ پڌرو ٿئي ٿو. لطيف جي ڪلام جا تخليقي عنصر جن کي هن پنهنجي تاريخ جي دور مان اخذ ڪيو آهي، انهن کي هر زماني ۾ جاءِ ملي ٿي. پوءِ اهو ڪالهه جو وقت هجي يا اڄ جو سندن ڪلام جي جوڙجڪ جي اها وڏي خوبي آهي؛ جنهن مان اسان سبق حاصل ڪري انفرادي توڙي اجتماعي طور ڪجهه نه ڪجهه

جڳ جيئن ڇوه، سوڌو تيئن نه سگهيو.
راڻو، اينءَ نه روه، جيئن ڳوڙهو ڳل پوي
(شاهه رحه)

سنڌو ماتر جو ماڻهو ٻنهن جي سماجي اڏاوت لاءِ لطيف کي رهبر تصور ڪري ٿو ۽ قومي وجود جي بقا لاءِ سيني ٻنڌڻن کي هڪ ئي ڇرڪ سان ڇنيو ڇڏي:

ٽوٽيئرر ڏهه ڏانوڻ، ٻنڌرهن پيد پياس،
جڏهه سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي
(شاهه رحه)

منهن جي خيال ۾ "موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت" ان ڪان وڌيڪ ٻي ٿي نٿي سگهي ته خدا ۽ رسول صه کان پوءِ شاهه لطيف جو فلسفه حيات ئي آهي. جنهن جي بنياد تي هي قوم زنده رهندي آئي آهي ۽ زنده رهندي ايندي. ڇاڪاڻ ته لطيف حق ۽ سچ جو ساٿي آهي: